هفتيوار رسالو

# خوفِ خدا وارن جي نماز

(سنڌي)

- هر وقت روئڻ وارو بزرگ
- جلدي جلدي نماز پڙهڻ مان ڇا مراد آهي؟
- عوام ڪهڙي درجي جي تلاوت ڪن؟
- گهوٽ جي نماز


شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه



پيشڪش: المدينة العلمية (دعوت اسلامي)

Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج۱ ص۴۰ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: **خُوفِ خدا وارن جي نماز**

ڇاپو پهريون: ربيع الآخر 1446 بمطابق آڪٽوبر 2024

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جي ڪتاب ”فيضانِ نماز“ مان ورتل

# خوفِ خُدا وارن جي نماز

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر**(دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ**(دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگرانپراڻي سبزي منڊي ڪراچي

7213**UAN:**☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext.

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## Table of Contents


خُوفِ خدا وارن جي نماز ........ 1
خوفِ خُدا وارن جي نماز ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
شيطان جا ٽي هٿيار (حڪايت) ........ 1
ڪاش روئندي روئندي نماز پڙهڻ نصيب ٿئي ........ 4
مبارڪ سينو ديڳڙي جيان ٽهڪندو هو ........ 4
رنگ ڦڪو ٿي ويندو هو (حڪايت) ........ 4
مولىٰ علي تي ڏڪڻي طاري ٿي ويندي هئي ........ 5
حضرت يحيٰي گهڻو روئندا هئا ........ 5
فاروقِ اعظم جي روئڻ جو آواز (حڪايت) ........ 6
جهنم جو نقشو ڇڪجي ويندو هو (حڪايت) ........ 6
هر وقت روئڻ وارا بزرگ ........ 7
نماز ۾ روئڻ جو شرعي مسئلو ........ 7
نماز ۾ جيڪو ڪجھ پڙهون ٿا ان جي معنىٰ ياد هجي ........ 8
ساڄي ڪابي پاسي ڪير آهي هن جو هوش نه هجي ........ 8
جلدي جلدي پڙهڻ سان نماز جي روحانيت هلي ويندي آهي ........ 9
نماز ادا ڪرڻ ۾ جلد بازي ........ 9
مال جي چورڪان نماز جو چور وڌيڪ بدتر آهي ........ 10

بري خاتمي جي وعيد ........................... 10
ڪانوَ جيان ٺونگو نہ هڻو ........................... 11
جلدي نماز پڙهڻ واري جو مثال ........................... 11
ٻيهر نماز پڙهائي ........................... 12
رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ملندڙ جلندڙ نماز (واقعو) ...... 12
اعليٰ حضرت جي نماز ........................... 13
آقا ڪريم جي قرائت..... مرحبا! ........................... 14
قرآنِ ڪريم ٿورو پڙهو پر صحيح پڙهو ........................... 14
سٺو قاري اهو جيڪو الله ڪان ڊڄڻ وارو هجي ........................... 14
ٻڌڻ وارن جو جسم ڪاندارجي ويندو هو ........................... 15
هر حرف جي بدلي 100 نيڪيون ........................... 15
قرآنِ پاڪ آهستي آهستي پڙهڻ گهرجي ........................... 16
عوام درمياني درجي جي جلدي واري تلاوت ڪن ........................... 17
نماز جا ضروري مسئلا ڄاڻڻ ضروري آهي ........................... 18
گهوٽ جي نماز (حڪايت) ........................... 18
قبر جي پهرين رات نالي بيان زندگي بدلائي ڇڏي ........................... 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# خوفِ خُدا وارن جي نماز[1]

دعاءِ خليفهءِ امير اهلسنت: يا الله پاڪ! جيڪو به مڪمل رسالو ”خوفِ خُدا وارن جي نماز“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي پنهنجو حقيقي خُوفِ خُدا عطا فرمائي ڪري اُن کي والدين سميت بي حساب بخشي ڇڏ. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي سڀ کان ويجهو اهو شخص هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهيا هوندا . (ترمذی، 27/2، حديث: 484)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شيطان جا ٽي هٿيار(حڪايت)

تابعي بزرگ حضرت سَيِّدُنا وَهب بِن مُنَبِّه رَحْمَةُ الله عَلَيه فرمائن ٿا: بني اسرائيل جي هڪ بزرگ کي شيطان ورغلائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نه ٿيو. هڪ ڏينهن اهو بزرگ ڪنهن ڪم سان ٻاهر نڪتو ته شيطان به ساڻ هلڻ لڳو، ان خواهشن ۽ ڪاوڙ جي ذريعي ورغلائڻ شروع ڪيو، پر ڪجهه نه ٿيو. پوءِ ڊيڄارڻ لاءِ اُن جبل تان هڪ

[1] هي رسالو امير اهل سُنت جي ڪتاب ”فيضان نماز“ صفحي 355 کان 362 ۽ 367 کان 374 تان ڪنيو ويو آهي.

وڏو پٽر ڪيرايو، بزرگ الله جو ذڪر شروع ڪري ورتو ته اها چَپ پري وڃي ڪِري. پوءِ ڏيڄارڻ لاءِ ان شينهن ۽ ٻين خونخوار جانورن جهڙي شڪل ٻڻائي ورتي، ان بزرگ وري ذڪرِ الٰهي سان ڪم ورتو ۽ ان جي پرواهه نه ڪيائين. جڏهن بزرگ نماز شروع ڪئي ته شيطان نانگ جي شڪل ۾ ان جي پيرن کان ٿيندي جسم سان وڪڙ هڻي ويهي رهيو، ايسيتائين جو مٿي تائين پهچي ويو، جڏهن انهن سجدو ڪرڻ چاهيو ته ان جي چهري ۾ چنبڙي پيو، جڏهن بزرگ سجدي لاءِ مٿو مبارڪ رکيو ته نانگ وات کوليو ته جيئن ان جي مٿي کي ڳيهي وڃي، بزرگ ان کي هٽائي زمين تي سجدو ڪيو، جڏهن نماز مڪمل ڪري ورتي ته اڳتي سفر جاري رکيو. شيطان ظاهر ٿي چوڻ لڳو: مون اوهان کي ورغلائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نه ٿئي سگهيس، مان اوهان سان دوستي ڪرڻ چاهيان ٿو، آئنده اوهان کي ڪڏهن به نه پٽڪائيندس. بزرگ فرمايو: تو اڄ مون کي ڊيڄارڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر الله جي فضل سان مان نه ڊڄِس، مونکي تنهنجي دوستي جي ڪابہ ضرورت ناهي. شيطان چيو: ڇا تون مون کان پنهنجي گهر وارن جا حالات نه پڇندين ته اوهان جي غير موجودگي ۾ انهن تي ڇا گذريو! بزرگ چيو: مان انهن کان پهريان ئي مري چڪو آهيان. (يعني مون کي انهن جي باري ۾ توکان پڇڻ جي ڪا ضرورت ئي ناهي) شيطان چيو: ڇا اوهان اهو نه پڇندؤ ته مان ماڻهن کي ڪيئن ورغلائيندو آهيان! بزرگ فرمايو: ها! اهو ضرور ٻڌاءِ. شيطان چوڻ لڳو: ٽن شين جي ذريعي ورغلائيندو آهيان: (1) بخل (2) ڪاوڙ ۽ (3) نشو. انسان جڏهن بخل ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي ته مان ان جو مال ان جي نظر ۾ گهٽ ڏيکارڻ شروع ڪندو آهيان، ائين (پنهنجو مال وڌائڻ جي لالچ ۾) اهو

پنهنجي مال جا شرعي حقوق ادا ڪرڻ کان رڪجي ويندو آهي بلڪ پرائي مال ۾ رغبت ڪرڻ لڳندو آهي ۽ جڏهن انسان ڪاوڙ ۾ ايندو آهي تہ مان ان سان ائين ڪيڏندو آهيان جيئن ٻار بال سان ڪيڏندو آهي. توڙي جو (اهو ايترو نيڪ هجي جو) پنهنجي دعا سان مڙدازنده ڪري ڇڏي تڏهن بہ مان ان ڪاوڙ واري شخص کان مايوس ناهيان ٿيندو، ڇوتہ ڪڏهن نہ ڪڏهن اهو ڪاوڙ ۾ بي قابو ٿي ڪري ڪو اهڙو جملو وات مان ڪڍندو جنهن سان ان جي آخرت تباھ ٿي ويندي. ۽ جڏهن انسان نشو ڪرڻ لڳي تہ مان پنهنجي مرضي سان جنهن برائي جي پاسي چاهيندو آهيان ان طرف ڇڪي وٺي ويندو آهيان جهڙي طرح ٻڪريءَ کي ڪن مان پڪڙي ڪاهيو ويندو آهي. (تنبيہ الغافلين ص110 ملخصاً)

اي عاشقانِ رسول! هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ شيطان ٻانهي کي هر ممڪن صورت ۾ عبادت کان روڪڻ جي پوري ڪوشش ڪندو آهي پر نيڪ ۽ مُخلِص ٻانها الله ڪريم جي مدد سان اُن جي ڄار ۾ ڦاسڻ کان بچي ويندا آهن. اها بہ خبر پئي تہ بخل، ڪاوڙ ۽ نشو شيطان جا ٿي بدترين هٿيار آهن جن سان اهو ماڻهن کي برباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، هر مسلمان کي گهرجي تہ شيطان جي انهن هٿيارن کي ناڪام بڻائي ڇڏي.

ڪمر توڑی ہے عصیاں نے، دبایا نفس و شیطاں نے
نہ کرنا حشر میں رسوا، مرا رکھنا بھرم مولیٰ

(وسائل بخشش (مرمم)ص۔ ۹۷)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪاش روئندي روئندي نماز پڙهڻ نصيب ٿئي

نماز جي تڪبيرِ تحريمہ لاءِ هٿ کڻڻ وقت ڪاش! اهو تصور ٿئي تہ مان جڻ الله پاڪ کي ڏسي رهيو آهيان ۽ مان هڪ گهڙي لاءِ بہ ان کان لِڪيل ناهيان، خوش قسمتي جو! قيام واري حالت ۾ مٿو ندامت سان جهڪيل هجي، ڪلها هيبت کان ڏڪي رهيا هجن، چهرو خوف جي سبب ڦڪو ٿيل هجي، دل ۾ خشوع جي ڪيفيت هجي ۽ عضون کان بہ ان جو اظهار ٿي رهيو هجي، پڻ اکين مان نير جاري هجن ۽ رڪوع ۽ سجدن ۾ ان جي عظمت سامهون هجي پڻ سجدي ۾ اهو يقين بہ هجي تہ مان هن وقت الله پاڪ جي گهڻو ويجهو آهيان جيئن تہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي:”ٻانهو الله پاڪ جي سڀ کان وڌيڪ ويجهو سجدي واري حالت ۾ هوندو آهي.“ (مسلم شريف ص198،حديث:1083) پر هي سڀئي ڪيفيتون ان صورت ۾ پيدا ٿينديون جڏهن تہ دل دنياوي گندگين کان پاڪ ۽ صاف ٿيندي، دل ۾ اهو خيال تہ الله ڪريم ڏسي رهيو آهي ۽ جواب ڏيڻ لاءِ ان جي سامهون پيش ٿيڻ جو احساس ٿئي ۽ ذهن ۾ آخرت جو فڪر رچيل هجي.

## مبارڪ سينو ديڳڙي جيان ٿهڪندو هو

سرڪارِ نامدار، مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن نماز ادا ڪندا هئا تہ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سينو مبارڪ ديڳڙي جيان ٿهڪندو هو. (مسند امام احمد جلد5ص501،حديث:16326)

## رنگ ڦڪو ٿي ويندو هو(حڪايت)

نواسهٔ رسول، امام عالي مقام، حضرت امام حسين رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ جي شهزادي حضرت امام زَيْنُ العابِدِين رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ جڏهن وضو ڪندا هئا تہ

رنگ مبارڪ ڦڪو ٿي ويندو هو. گهر وارن پڇيو: وضُو جي وقت اوهان کي اهو ڇا ٿي ويندو آهي؟ ارشاد فرمايائون: ”توهان کي ڪهڙي خبر مان ڪنهن جي بارگاهِ عالي ۾ بيهڻ وارو آهيان!“

(الزهد ص363،حديث: 2138)

## مولىٰ علي تي ڏڪٽي طاري ٿي ويندي هئي

نماز جو جڏهن وقت ايندو هو ته حضرت علي المرتضيٰ، شيرخدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ تي ڏڪٽي طاري ٿي ويندي هئي ۽ چهري جو رنگ بدلجي ويندو هو، عرض ڪيو ويندو هو: يا امير المؤمنين! ڇا ٿيو آهي؟ فرمائيندا ها: ان امانت جي ادائيگي جو وقت اچي ويو آهي جنهن کي الله رَبُّ العزت زمين ۽ آسمان ۽ جبلن تي پيش ڪيو ته انهن ان کي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڊڄي ويا جڏهن ته مون (يعني انسان) ان کي کڻي ورتو. (احياءالعلوم جلد1ص206)

## حضرت يحيٰي گهڻو روئندا هئا

الله ڪريم جا سچا نبي، نبي ابن نبي حضرت يحيٰي بن زڪريا عَلَيۡهِمَا السَّلَام جڏهن نماز لاءِ بيهندا هئا ته (خوفِ خدا سبب) ايتري قدر روئندا هئا جو وڻ ۽ مٽيءَ جا پٿر به ساڻ روئڻ لڳندا ها حضرت يحيٰي عَلَيۡهِ السَّلَام انهيءَ ئي طرح مسلسل نير وهائيندا رهندا ها، ايسيتائين جو ڳوڙهن جي سبب سندن مبارڪ ڳلن تي زخم پئجي ويندا ها، سندن والده محترمه رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہَا زخمن تي اُن جون پٽيون چنبڙائي ڇڏينديون هيون. ان جي باوجود جڏهن پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ٻيهر نماز لاءِ بيهندا ها ته وري روئڻ شروع ڪندا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ اهي اُن جون

پٽيون آليون ٿي وينديون هيون. جڏهن والده محترمہ انهن پٽين کي سڪائڻ لاءِ نپوڙينديون هيون ۽ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي لڙڪن جو پاڻي امڙ سڳوريءَ جي ٻانهن تي ڪرندي ڏسندا هئا تہ بارگاهِ اِلٰهي ۾ عرض ڪندا ها:”اي الله ڪريم! هي منهنجا لڙڪ آهن، هيءَ منهنجي والده محترمہ آهي ۽ مان تنهنجو ٻانهو آهيان جڏهن تہ تون سڀ کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهين.“ (احياءالعلوم جلد4ص225،ملخصاً)

## فاروقِ اعظم جي روئڻ جو آواز (حڪايت)

حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا فرمائن ٿا تہ مون اميرالمؤمنين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي پنيان نماز پڙهي، مون ٽي صفون پويان کان سندن روئڻ جو آواز ٻڌو. (حلية الاولياء جلد1ص88، حديث 134)

## جهنم جو نقشو چِڪجي ويندو هو (حڪايت)

حضرت بِشر بن حُسين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون حضرت سَعيد بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ الله عَلَيه کي جڏهن بہ فرض نماز ۾ بيٺل ڏٺو تہ سندن لڙڪ ڏاڙهي مبارڪ تي وهندي ڏٺا، حضرت اسحاق بن ابراهيم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان حضرت سَعيد بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ الله عَلَيه کي ڪعبي ڏانهن چهرو ڪري نماز پڙهندي ڏسندو هيس ۽ تَڏي تي سندن جي ڳوڙهن جي ڪرڻ جو آواز ٻڌندو هيس. حضرت ابوعبدالرحمٰن اَسَدي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون حضرت سعيد بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ الله عَلَيه کي عرض ڪيو: اي ابو محمد! توهان نماز ۾ روئندا ڇو آهيو؟ پڇيائون: اي ڀائٽيا! اها ڳالهہ ڇو ٿا پڇيو؟ مون عرض ڪيو: شايد اُن

سان الله پاڪ مون کي فائدو پهچائي. ارشاد فرمايائون: مان جڏهن بہ نماز لاءِ بيهڻ لڳندو آهيان تہ جهنم جو نقشو منهنجي سامهون چڪجي ايندو آهي. (ابن عساکر جلد21ص203)

## هر وقت روئڻ وارا بزرگ

حضرت سفيان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ حضرت سعيد بن سائِب طائِفي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا لڙڪ سڪندا ئي نہ هئا، هر وقت روئندي نظر ايندا ها. نماز پڙهندا ها تہ روئندا ها، طواف ڪندا ها تہ روئندا ها، ويهي ڏسي قرآن ڪريم پڙهندا ها تہ روئندا ها، منهنجي سندن سان رستي ۾ جڏهن ملاقات ٿيندي هئي تڏهن بہ روئي رهيا هوندا ها. هڪ ماڻهوءَ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي هر وقت روئندي رهڻ تي برو پلو چيو تہ روئڻ لڳا ۽ (بطورِ عاجزي) فرمائڻ لڳا: توهان کي (منهنجي روئڻ تي نہ بلڪ منهنجي خطائن ۽ زيادتين تي ملامت ڪرڻ گهرجي چوتہ هي ٻئي (يعني خطائون ۽ زيادتيون) مون تي غالب اچي چڪيون آهن. ان شخص جڏهن اهو ٻڌو تہ ڪين ڇڏي هليو ويو.

(الرقة والبڪاء مع موسوعة ابن ابي دنيا جلد3ص215رقم242)

## نماز ۾ روئڻ جو شرعي مسئلو

سور يا مصيبت جي ڪري اهي،

لفظ "آه"، "اُوه"، "اُف"،"تُف"نڪري ويا يا آواز سان روئڻ ۾اڪر پيدا ٿي ويا تہ نماز فاسد(يعني ختم)ٿي وئي. جيڪڏهن روئڻ ۾ رُڳو ڳوڙها نڪتا آواز ۽ اکر نہ نڪتا تہ

حرج ناهي.(عالمگيري ج 1 ص 101، ردالمحتار ج 2 ص 455) جيڪڏهن نماز ۾ امام جي پڙهڻ جي آواز تي روئڻ لڳو ۽ ”اري“، ”نَعَم“، ”ها“ زبان مان نڪتو تہ ڪو حرج ناهي جو اهو خُشُوع جي سبب آهي،جيڪڏهن امام جي خوش اِلحَاني (يعني سٺي آواز) جي سبب اهي لفظ چيا تہ نماز ٽٽي وئي. (درمختار وردالمحتار ج 2 ص 456)

تو ڈر اپنا عنایت کر، رہیں اس ڈر سے آنکھیں تر
مٹا خوف جہاں دل سے، مٹا دنیا کا غم مولیٰ

(وسائل بخشش (مرمم)ص۔ ۹۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نماز ۾ جيڪو ڪجھ پڙهون ٿا ان جي معنٰي ياد هجي

خشوع حاصل ڪرڻ لاءِ نماز ۾ پڙهيون ويندڙ سورتون ۽ نماز جا ذڪر اذڪار مثال طور ثناء، سورة فاتحہ، رڪوع ۽ سجدي جون تسبيحون ۽ دورد شريف وغيره جي معنيٰ معلوم هجي تہ جيئن خبر پوي تہ پنهنجي پروردگار کي ڇا عرض ڪري رهيا آهيون. آيتن ۽ دعائن جي معنيٰ جيڪڏهن ذهن ۾ موجود هوندي تہ خيالات قابو ۾ رهي سگهندا، ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه پوري طور تي خشوع ۽ خضوع سان نماز ادا ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿيندي.

## ساڄي ڪاٻي پاسي ڪير آهي هن جو هوش نہ هجي

حضرت حَڪَم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اها ڳالھ نماز جي پوري ٿيڻ مان آهي تہ توهان کي خبر نہ هجي تہ توهان جي ساڄي ۽ ڪاٻي پاسي

ڪير آهي. (مصنف ابن ابي شيبه جلد1ص492،حديث:15) صحابي ابن صحابي حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا فرمائن ٿا: نماز ۾ خشوع اهو آهي ته نمازي پنهنجي ساڄي کاٻي پاسي واري ماڻهوءَ کي نه سُڃاڻي. تابعي بزرگ حضرت سعيد بن جُبَيْر رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: ”جڏهن کان مون حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا جو اهو فرمان ٻڌو آهي، چاليهه سال ٿيڻ وارا آهن مون نماز ۾ پنهنجي ساڄي کاٻي پاسي واري ماڻهوءَ کي ناهي سُڃاتو.“ (اتحاف السادة المتقين جلد3ص181)

نمازوں میں ایسا گما یاالٰہی | نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جلدي جلدي پڙهڻ سان نماز جي روحانيت هلي ويندي آهي

رڪوع، سجود، قومه ۽ جلسه وغيره اطمينان سان ادا نه ڪيا ويا ته ڪنهن به صورت ۾ خشوع ۽ خضوع پيدا نٿو ٿئي سگهي ڇوته جلدبازي سان نماز جي روحانيت هلي ويندي آهي.

## نماز ادا ڪرڻ ۾ جلد بازي

افسوس! هلندڙ دور ۾ مسلمانن جو تمام گهٽ تعداد نماز پڙهي ٿو ۽ جيڪي پڙهن ٿا انهن مان به ڪجهه ماڻهو جلدبازي جي ڪري ڪيئي ڀيرا پنهنجون نمازون ئي برباد ڪري ويهندا آهن. جلد بازي ۾ غلط نماز پڙهڻ واري کي نماز جو چور قرار ڏنو ويو آهي. الله پاڪ جي آخري نبي جو فرمانِ عاليشان آهي: ”انسانن ۾ سڀ کان بدترين چور اهو آهي جيڪو پنهنجي نماز ۾ چوري ڪري.“ صحابه ڪرام

عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو: يَارَسُولَ الله! صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪوئي شخص پنهنجي نماز ۾ ڪيئن چوري ڪري سگهي ٿو؟ فرمايائون: ”اهو جيڪو ان جا رُڪوع ۽ سَجدا پورا نٿو ڪري.“ يا ارشاد فرمايائون: ”اهو رڪوع ۽ سجدن ۾ پنهنجي پٺي سڌي نٿو ڪري.“ (مسند امام احمد بن حنبل ج 8 ص 386 حديث 22705)

## مال جي چورڪان نماز جو چور وڌيڪ بدتر آهي

**مُفسّرِ شَهِير** حَڪِيمُ الاُمت حضرتِ مُفتي اَحمَد يَار خَان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: خبر پئي ته مال جي چور ڪان **نماز جو چور** بدتر آهي ڇوته مال جي چور کي جيڪڏهن سزا به ملندي آهي ته ڪجهه نه ڪجهه نفعو به ڪٽي وٺندو آهي پر **نماز جي چور** کي پوري سزا ملندي ان جي لاءِ نَفعي جي ڪابہ صورت ناهي، مال جو چور ”ٻانهي جو حق ڦٻائيندو آهي“ جڏهن ته **نماز جو چور**، **”الله پاڪ** جو حق“ اها حالت انهن جي آهي جيڪي نماز کي صحيح ناهن پڙهندا، ان مان اهي ماڻهو عبرت جو درس حاصل ڪن جيڪي بلڪل نماز ئي ناهن پڙهندا. (مرأة المناجيح ج 2 ص 78)

## بري خاتمي جي وعيد

حضرتِ حُذَيفه بن يَمان رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو نماز پڙهڻ وقت رڪوع ۽ سجدا پورا ادا نه ڪري رهيو هو، ته ان کي فرمايائون: ”تو نماز نه پڙهي ۽ جيڪڏهن تون انهيءَ حالت

۾ مري وڃين تہ حضرت مُحَمَّد مُصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي طريقي تي توکي موت نہ ايندو.“ (صحيح بخاري ج 1 ص 284 حديث 808) سُنَنِ نَسائي شريف جي روايت ۾ اهو بہ آهي تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ان کان پڇيو: ”تون ڪڏهن کان ائين نَماز پڙهي رهيو آهين؟ ان چيو چاليهہ سالن کان، فرمايائون: ”تو چاليهہ سالن کان بلڪل نماز ئي ناهي پڙهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ توکي موت اچي ويو تہ دينِ محمدي تي نہ مرندين.“ (سننِ نَسائي ص 225 حديث 1309)

## ڪانوَ جيان ٺونگو نہ هڻو

حضرت عبدالرحمٰن بن شِبۡل رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪانوَ جيان ٺونگي هڻڻ ۽ خونخوار جانورن وانگر هٿ وڇائڻ کان منع فرمايو. (ابوداؤد جلد1ص328،هديث:862)

## شرح حديث

يعني ساجد (سجدو ڪرڻ وارو) سجدو ائين جلدي جلدي نہ ڪري جيئن ڪانوُ زمين تي ٺونگو هڻي يڪدم ڪڍي وٺندو آهي ۽ سجدي ۾ ٻانهون زمين تي نہ لڳائي جيئن ڪتو، بگھڙ وغيره ويهندي وقت لڳائيندا آهن. (مرأة المناجيح جلد2ص82)

## جلدي نماز پڙهڻ واري جو مثال

حضرت ابو موسيٰ اَشۡعَري رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو شخص رڪوع پوري طور تي ادا ناهي ڪندو ۽ سجدن ۾ ٺونگا هڻندو آهي ان جو

مثال ان بکايل جهڙو آهي جيڪو هڪ يا ٻه ڪتلون کائي ته اهي ان جي بُک کي دور نه ڪري سگهن. (الترغيب والترهيب جلد1ص199،حديث:7)

## بيهر نماز پڙهائي

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته هڪ شخص مسجد ۾ آيو، رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ جلوا فرما هيا، ان شخص نماز پڙهي ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سلام ڪيو، ان کي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: وَعَلَيْكَ السَّلَام، موٽي وڃ، نماز پڙهه تو نماز ناهي پڙهي! اهو موٽيو نماز پڙهي وري آيو سلام ڪيائين، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: وَعَلَيْكَ السَّلَام، موٽي وڃ، نماز پڙهه تو نماز ناهي پڙهي! ان ٻئي ڀيري يا ان کان به پوءِ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مونکي سيکاريو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:”جڏهن تون نماز پڙهڻ لڳين ته وضو پورو ڪر پوءِ ڪعبي ڏانهن منهن ڪر، پوءِ تڪبير چئه، پوءِ جتان قرآن آسان لڳي پڙهه پوءِ رڪوع ڪر ايسيتائين جو رڪوع ۾ مطمئن ٿي وڃين پوءِ اُٿ ايسيتائين جو سڌو بيهي رهين پوءِ سجدو ڪر ايسيتائين جو سجدي ۾ مطمئن ٿي وڃين پوءِ اُٿ ايسيتائين جو اطمينان سان ويهي رهين پوءِ سجدو ڪر ايسيتائين جو سجدي ۾ مطمئن ٿي وڃين پوءِ اٿ ايسيتائين جو اطمينان سان ويهي رهين پوءِ پنهنجي سڄي نماز ۾ ائين ئي ڪر.“ (بخاری شريف،ج4،ص172،حديث6251)

## رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ملندڙ جلندڙ نماز(واقعو)

تابعي بزرگ اميرالمؤمنين حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَيۡه سنتن

تي عمل جي ڀرپور ڪوشش ڪندا هئا. جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مديني جا حاڪم هئا انهن ڏينهَن ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خادمِ خاص حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ عراق کان مديني تشريف کڻي آيا تہ حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي پٺيان نماز پڙهي. انهن کي حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي نماز گهڻي پسند آئي جڏهن نماز پڙهي بس ڪيائون تہ فرمايائون: "مَا رَاَيۡتُ اَحَدًا اَشۡبَهَ بِصَلَاةِ النَّبِيِّ مِنۡ هٰذَا الۡغُلَامِ يعني مون هن نوجوان کان وڌيڪ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ملندڙ جلندڙ نماز پڙهڻ وارو ڪو ناهي ڏٺو." (سيرت عمر بن عبدالعزيز لابن الجوزي ص34) اللّٰه رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اعليٰ حضرت جي نماز

حضرت مولانا محمد حسين چشتي نِظامي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جيتري قدر احتياط سان نماز پڙهندا هئا، اڄ ڪالهہ اها ڳالهہ نظر نٿي اچي. هميشہ منهنجون بہ رڪعتون انهن جي هڪ رڪعت ۾ هونديون هيون ۽ ٻيا ماڻهو منهنجي چئن رڪعتن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ رڪعتون بلڪ اٺ رڪعتون پڙهي وٺندا هئا. (حيات اعليٰ حضرت جلد1ص154) اللّٰه رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آقا ڪريم جي قرائت..... مرحبا!

انهيءَ طرح نماز ۾ خشوع حاصل ڪرڻ لاءِ تلاوت آهستہ آهستہ ڪئي وڃي. ۽ جتي جتي شرعي اجازت آهي اُتي مثلاً رات اڪيلائي ۾ تهجد وغيره ۾ خوش الحاني سان قرآنِ ڪريم پڙهيو وڃي. تابعي بزرگ حضرت يَعْلِيٰ بن مَمْلَڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اُمُّ المؤمنين حضرت اُمِّ سلمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قرائت جي باري ۾ پڇيو، تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اهڙي قرائت بيان ڪئي جنهن جو هڪ هڪ اکر واضح هو. (نسائي شريف ص284،حديث:1626 ملخصاً)

## قرآنِ ڪريم ٿورو پڙهو پر صحيح پڙهو

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "مِرْاٰةُ الْمَناجِيح" ۾ فرمائن ٿا: يعني پاڻ ڪريم (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي قرائت نهايت آهستگي سان ۽ صاف هئي، جنهن سان هر ڪلمو جدا جدا سمجهڻ ۾ ايندو هو ۽ هر ڪلمي جا اکر ح،ع، ز، ذ، ظ، ض، واضح طور سمجهيا ويندا هئا. هڪ ڪلمو ٻئي ڪلمي سان مليل نہ هوندو هو، تلاوتِ قرآنِ ڪريم جو اهو ئي طريقو هجڻ گهرجي، وڏيڪ پڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪريو، (ٿورو پڙهو پر) صحيح پڙهڻ جي ڪوشش ڪريو. (مرأة المناجيح جلد2ص247)

## سٺو قاري اهو جيڪو الله کان ڊڄڻ وارو هجي

حضرت طَاؤُس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: ڪهڙو ماڻهو قرآنِ ڪريم ۾ خوش آواز ۽ سهڻي قرائت وارو آهي؟ فرمايائون: اهو جڏهن تون ان کي

قرآن پڙهندي ٻڌئين تہ محسوس ڪرين تہ اهو اللّٰه پاڪ کان ڊڄي رهيو آهي. (دارمي جلد2ص563،حديث:3489)

## ٻڌڻ وارن جو جسم ڪاندارجي ويندو هو

حضرت مفتي احمد يارخان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: اها حديث انهن سيني حديثن جي شرح آهي جنهن ۾ سٺي آواز، سُٺي تلاوت جو حڪم ڏنو ويو يعني دردِ دل پيدا ڪندڙ ادا ۽ خوفِ خدا واري قرائت پلي آهي، نفسِ آواز (يعني پڙهڻ واري جو اصل آواز) سنهو هجي يا ٿلهو. ڪجھ بزرگن کي ڏنو ويو تہ انهن جو آواز ٿلهو هو پر انهن جي تلاوت سان پنهنجو ۽ ٻڌڻ وارن جو جسم ڪاندارجي ويندو هو، دليون ڪنبڻ لڳنديون هيون، اللّٰه پاڪ اهڙي تلاوت نصيب ڪري. آمين. (مرأة المناجيح جلد3ص274)

تلاوتِ قرآن ڪريم يقيناً تمام وڏي سعادت آهي، قرآنِ ڪريم جو هڪ اکر پڙهڻ تي 10 نيڪين جو ثواب ملندو آهي، جيئن تہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ”جيڪو شخص ڪِتابُ اللّٰه جو هڪ اکر پڙهندو، ان کي هڪ نيڪي ملندي جيڪا ڏهن نيڪين جي برابر هوندي. مان اهو نٿو چوان تہ الم هڪ حرف آهي، بلڪ الف هڪ اکر، لام هڪ اکر ۽ ميم هڪ اکر آهي.“ (ترمذي شريف جلد4ص417،حديث:2919)

## هر حرف جي بدلي 100 نيڪيون

اميرالمؤمنين حضرت عليُّ المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: جيڪو نماز ۾ بيهي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري ان جي لاءِ هر حرف جي بدلي

100 نيڪيون آهن ۽ جيڪو نماز ۾ ويهي تلاوت ڪري ان جي لاءِ هر حرف جي بدلي 50 نيڪيون آهن ۽ جيڪو نماز ڪان علاوه باوضو تلاوت ڪري ان جي لاءِ 25 نيڪيون آهن ۽ جيڪو بنا وضو تلاوت ڪري ان لاءِ 10 نيڪيون آهن ۽ رات جو قيام افضل آهي ڇوته ان وقت دل وڏيڪ فارغ هوندي آهي. (احياء العلوم جلد1ص366)(احياءالعلوم(اردو) جلد1ص831)

ڪجھ اسلامي ڀائر جلدي جلدي قرآنِ ڪريم پڙهندا آهن ته جيئن وڌ کان وڌ تلاوت جي سعادت حاصل ڪري وٺجي پر تلاوت جي دوران تجويدي قاعدن جو خيال ناهن ڪندا ۽ غلط سَلَط پڙهي ويندا آهن، حالانڪ قرآن ڪريم جي اکرن جي درست ادائيگي ۽ غلط پڙهڻ کان بچڻ فرضِ عين آهي، جيئن ته اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:”بيشڪ ايتري تجويد سکڻ جنهن سان اکرن جي درست ادائيگي ٿئي، ۽ غلط پڙهڻ کان بچي سگهي، فرض عين آهي.“ (فتاويٰ رضويه مخرجه جلد6ص343)

## قرآنِ پاڪ آهستي آهستي پڙهڻ گهرجي

سيپاري29 سُورة المزمل جي چوٿين آيت ۾ ارشادِ خداوندي آهي:

وَرَتِّلِ الۡقُرۡاٰنَ تَرۡتِيۡلًا ؕ﴿۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ قرآن خوب ڍرو ڍرو پڙھ

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ”ترتيل“ جي وضاحت ڪندي نقل ڪن ٿا:”قرآنِ مجيد اهڙي طرح آهسته ۽ رڪي پڙهو جو ٻڌڻ وارو هن جي آيتن ۽ لفظن ڪي ڳڻي سگهي.“ (فتاويٰ رضويه مخرّجه جلد6ص276) پڻ فرض نماز ۾ اهڙي طرح تلاوت ڪري جو الڳ الڳ حرف سمجھ

۾ اچي، تراويح ۾ متوسط (يعني درمياني) طريقي تي ۽ رات جي نفلن ۾ ايترو جلدي پڙهي سگهي ٿو جنهن کي اهو پاڻ سمجهي سگهي. (درمختار جلد2ص320) ”مدارک“ ۾ آهي: ”اطمينان سان، حروف الڳ الڳ، وقف (يعني رڪڻ وغيره جي علامتن) جي حِفاظت ۽ سيني حرڪتن (يعني زير، زبر وغيره) جي ادائيگي جو خاص خيال رکڻو آهي. ”تَرْتِيْلًا“ (يعني خوب آهسته آهسته) هن مسئلي ۾ تاڪيد پيدا ڪري رهيو آهي ته اها ڳالهه تلاوت ڪرڻ لاءِ تمام ضروري آهي.“ (مدارک التنزيل ص1292، فتاويٰ رضويه مخرجه جلد 6 ص278،279) (ترتيل جا احڪام ڄاڻڻ لاءِ فتاويٰ رضويه جلد 6 صفحه 275 کان 282 جو مطالعو ڪيو)

## عوام درمياني درجي جي جلدي واري تلاوت ڪن.

فتاويٰ رضويه جلد 7 صفحي 478 کان 479 تي آهستي ۽ درمياني رفتار سان پڙهڻ جي حوالي سان تمام خوبصورت ڪلام ڪيو ويو آهي هتي ان جو خلاصو آسان لفظن ۾ عرض ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي: جيڪي ماڻهو قرآنِ ڪريم پڙهڻ ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ جي صلاحيّت نٿا رکن انهن لاءِ تلاوت ڪرڻ ۾ وچين درجي جي جلدي ئي افضل هئڻ گهرجي ته جيتري قدر جلدي پڙهندا ايتري قدر تلاوت وڌيڪ ٿيندي ۽ قرآن ڪريم جي هر حرف تي 10 نيڪيون آهن، 100 جي جڳهه 500 حروف پڙهنداسين ته هزار جي جڳهه پنج هزار نيڪيون ملنديون ۽ هر ثواب سمجهڻ ئي تي موقوف ناهي.

**واقعو:** حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه الله پاڪ جي خواب ۾ زيارت ڪئي ته عرض ڪيائين: اي منهنجا رب! ڪهڙي شيءِ تنهنجي ٻانهن کي تنهنجي عذاب کان ڇڏائڻ واري آهي؟ فرمايو: منهنجي ڪتاب (يعني قرآن ڪريم). عرض ڪيائين: ان کي سمجهي

پڑهڻ يا بنا سمجهي؟ فرمايو: (ٻنهي طرح يعني) سمجهي ڪري (پڑهڻ) ۽ بنا سمجهي (پڑهڻ) (تفصيل جي لاءِ ڏسو: فتاويٰ رضويہ جلد7ص478، 479)

تلاوت کی توفیق دیدے الٰہی گناہوں کی ہو دور دل سے سیاہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نماز جا ضروري مسئلا ڄاڻڻ ضروري آهي

نماز جا ضروري مسئلا ڄاڻڻ ضروري آهي ڇوتہ جيڪو نماز جي فرائض، واجبات، سنتن ۽ نماز کي فاسد ڪرڻ (ٽوڙڻ) وارين شين وغيره جو علم رکندو آهي اهو چڱي طرح نماز پڑهي سگهندو آهي جڏهن تہ جيڪو نماز جي ضروري مسئلن کان اڻ ڄاڻ هجي اهو درست نماز ڪيئن ادا ڪري سگهندو! ياد رهي! جنهن تي نماز فرض آهي ان تي نماز جا ضروري مسئلا ڄاڻڻ بہ فرض آهي.

## گهوٽ جي نماز (حڪايت)

اي عاشقانِ رسول! انتهائي نازڪ دور اچي ويو آهي، اسان وٽ اهڙن مسلمانن جو بہ هڪ تعداد آهي جن کي نماز پڑهڻ بلڪل بہ نٿي اچي، جيئن دعوتِ اسلامي جي هڪ مدني اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ مان ڪراچي جي هڪ مسجد ۾ امام آهيان. هڪ رات عشاء جي نماز کانپوءِ مدرسة المدينه (براءِ بالغان) جي سلسلي ۾ اسان ڪجهه اسلامي ڀائر مسجد ۾ موجود هئاسين تہ هڪ گهوٽ پنهنجي ڪجهه دوستن سميت مسجد ۾ آيو ۽ مونکي چوڻ لڳو تہ مونکي نماز پڑهايو. مون جواب ڏنو نماز تہ مون پڑهائي ڇڏي آهي توهان پنهنجي

پڙهي ونو. ان وري چيو ته نه مونکي اوهان نماز پڙهايو. ته هاڻي مان ان جي ڳالهه سمجهي ويس ته اهو چئي رهيو آهي: مونکي بلڪل نماز پڙهڻ ئي نٿي اچي تنهنڪري اوهان مون کي طريقو ٻڌايو. مون هڪ سلجهيل اسلامي ڀاءُ کي چيو ته اوهان هن کي طريقو ٻڌايو. انهن طريقو ٻڌايو پر 34 سالن جي گهوٽ کي رڪوع، سجود، التحيات وغيره جي متعلق ڪا به ڄاڻ نه هئي ته رڪوع ۽ سجود ڇا کي چئبو آهي ۽ ڪيئن ادا ڪبا آهن! ايسيتائين جو ان کي هڪ هڪ شيءِ ٻڌائڻي پئي ته هٿ ڪنن تائين کڻي دُن جي هيٺان ٻڌو، رڪوع ۽ سجدو هن طرح ڪيو، ائين شروع کان آخر تائين هن کي هڪ هڪ شيءِ ٻڌائي وئي ۽ ها، اهو گهوٽ نمازِ عشاء پڙهڻ لاءِ نه بلڪ انڪري آيو هو ته ان جي برادري ۾ شادي جي موقعي تي گهوٽ کي ٻه رڪعتون نفل ادا ڪرڻ جي رسم ٿيندي آهي.

مسجد تو بنادی شب بھر میں ایماں کی حرارت والوں نے
من اپنا پرانا پاپی ہے، برسوں میں نمازی بن نہ سکا

## قبر جي ڀرين رات نالي بيان زندگي بدلائي ڇڏي

اي عاشقانِ نماز! نمازن ۾ جلد بازي جي علامت مٽائڻ، نمازن جا ضروري مسئلا ڄاڻڻ ۽ نمازن ۾ خشوع ۽ خضوع جو جذبو وڌائڻ لاءِ مدني قافلن ۾ سفر جو معمول بڻايو. اوهان جي ترغيب لاءِ هڪ ”مدني بهار“ پيش ڪجي ٿي: جيئن ڏهرڪي (ضلع گهوٽڪي، سنڌ) جو اسلامي ڀاءُ (عمر لڳ ڀڳ 24 سال) دنيادار قسم جو نوجوان هو جيڪو ديني معلومات کان گهڻو پري هو. نه نمازن جي پابندي نه روزن جو خيال! ڪجهه به نه هو. برن دوستن سان غُندا گردي، فلمون ڊراما ڏسڻ ان جو

معمول هيو. بري صحبت جي ڪري شراب به پيئڻ لڳو هو. ان جهڙي پڙتڪيل انسان کي نيڪي جي رستي تي آڻڻ جو تاج دعوتِ اسلامي جي هڪ مبلغ جي مٿي تي آهي جن ان تي انفرادي ڪوشش ڪندي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع جي دعوت ڏني ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه ان هن اجتماع ۾ شرڪت ڪئي. ان تي ٿورو ڪجهه اثر ضرور ٿيو پر گناهن ۾ قيد هئڻ جي ڪري اهو دعوتِ اسلامي جون وڏيڪ برڪتون سميٽڻ کان محروم رهيو. وري ڪجهه عرصي ڪانپوءِ ساڳي اسلامي ڀاءُ ان کي عاشقانِ رسول سان گڏ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي دعوتِ ڏني جنهن تي لَبَيڪ چوندي ان راهِ خدا ۾ سفر اختيار ڪيو. مدني قافلي جي دوران هڪ مبلغ 63 ڏينهن جو مدني تربيت ڪورس ڪرڻ جو ذهن ڏنو ۽ ان کي اهو ڪورس ڪرڻ جي سعادت به نصيب ٿئي. انهيءَ ڪورس جي دوران فيضانِ مدينہ ڪراچي ۾ ٽيڻ واري ٽن ڏينهن جي تربيتي اجتماع ۾ شرڪت جو موقعو مليو جتي ان بيان ”قبر جي پهرين رات“ ٻڌو تہ ان جي دل ۾ تبديلي جي لهر ڊوڙڻ لڳي ۽ ان اڳوڻن گناهن کان توبہ ڪندي سنتن ڀريو حليو اپنائڻ جي پڪي نيَّت ڪري ورتي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه ان کي هڪ مسجد ۾ امامت جي سعادت به حاصل ٿئي ۽ علائقي مشاورت جي نگران جي حيثيَّت سان دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم ڪرڻ جي ذميداري به ملي.


ترا شکر مولا دیا مدنی ماحول
نہ چھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول

(وسائل بخشش (مرمم)ص۔ ۶۴۷)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net